ناهيد نواز

# شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ دعا جو فلسفو

**_Abstract_**

Dua (grace) is present in each religion but the philosophy of dua is different. What is the relation of dua with determinism and indeterminism? What is the relation of dua with human social life? And what is the concept of dua in the poetry of Shah Latif? This is the theme of this paper with special reference to Shah's poetry.

The concept of Dua is different from the common concept of Dua in the world.

Shah never prayed for worldly material gains he prays Instead and stresses on the knowledge that is already known to "Him". The concept of Dua in mysticism is submissiveness and humbleness. Due to this practice man saves himself from pride and haughtiness and proves that he is incomplete and submissive. According to Shah the philosophy of Dua comprises optimism, and that one should never get disappointed about receiving the grace of God, infact one should go on praying and consequently He (God) will be kind upon the person. There are two schools of thought in mysticism:

Pantheism (Wahadat-ul-Wajood)

Pane pantheism (Wahadat-ul-Shahood)

In pantheism there is no difference between God and Man. But pride and haughtiness lead to dualism and hypocrisy.

Thus Dua means desire and submissiveness that harbour in oneself and it also means to search for one's own faults.

According to Pane pantheism the relation between Man and God is just like a lord and his slave. As the man goes down deep in the self negation before God so he will get nearness to his Lord.

There is description of Dua in the Holy Quran every where through out the revelation of the Holy Books and those devotees who pray are loved by God. In Urdu poetry Dr. Iqbal believes in action and struggle along with the concept of Dua. In the same way Sindhi poetry gives lessons of stead to stress and

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

continuous struggle. But Shah's poetry contains a universal directive in Dua and the verse says:

There is a Hadith that, "Only Dua can prevent "destiny", hence one should go on praying all the time and every where.

دعا جي لفظي معنيٰ آهي "گھُرڻ"، "التجا ڪرڻ" ۽ "خواهش". دعا ڇو گھُري ويندي آهي؟ ڇا لوح محفوظ ۾ لکيل تقدير دعا سان بدلجي سگھي ٿي. ڇا دعا انسان جي ڪمزوري ۽ اڻ پوري هئڻ جو دليل آهي. ڇا دعا انسان جي ڪنهن کوٽ جي نشاندهي ڪري ٿي؟ ڇا دعا جو تعلق صرف مذهب سان آهي؟

دُعا انسان جي خواهش آهي، اها خواهش پوري ڪرڻ لاءِ انسان ڪنهن سهاري جو محتاج آهي. جڏهن سهاري جي ڳالهه ايندي ته انسان مذهب جي دائري ۾ داخل ٿي ويندو آهي. لادينيت جو پهريون نعرو 19 صدي ۾ نيٽشي اهو لڳايو هو ته انسان کي پنهنجو سهارو پاڻ بنجڻو آهي. ٻن صدين گذرڻ کانپوءِ ڇا انسان پنهنجو سهارو پاڻ بنجي سگهيو آهي؟ جواب آهي ته اڄا به اڳ وانگر ويچارو ۽ بي سهارا آهي. دنيا ۾ فلسفي جون ٻه ڪئمپون هميشه مايا ۽ روح جي چڪر ۾ ورهايل رهيون آهن. آئنسٽائن واحد سائنسدان هو جنهن فلسفي کي نئون ميدان فراهم ڪيو ته مادي ۽ روحاني رمزن ۾ ڪو ڳانڍاپو ضرور آهي پر ٻنهي جون خاصيتون ۽ حدون بهرحال الڳ الڳ آهن. تنهن ڪري گهٽيون شيون پنهنجي جوهر ۾ فارمولائز ناهن. نتيجو ڪجهه به ٿي سگهي ٿو، تنهن ڪري هڪ دور اهڙو آيو جڏهن ماڻهو لادينيت جي بجاءِ حقوق العباد جي فلسفي کي مذهب جو روح سمجهڻ لڳا ۽ روايتي مذهبي ماڻهو مذهب کي حقوق الله تائين محدود ڪرڻ لڳا پر دعا جو تعلق ٻنهي مڪتبه فڪر سان آهي. شاهه جو مذهب خدا جي تصور کان شروع ٿئي ٿو، جيڪو پهرين عليم آهي جيڪو قدرت رکي ٿو جيڪو ازل کان آهي جيڪو واحد آهي جيڪو والي آهي ۽ انسان کي انهي جي ساراهه ڪرڻ گهرجي ۽ انسان جي تشريح لطيف وٽ ڪهڙي آهي؟ انسان عاجز آهي ۽ ڪمزور.

سرديءَ ۾ سالم نه رهان، ڪوسي سهان ڪين،
امن ڏيج امان تون، دور ڪري ٻيا سڀ دام،
پاندپ ڪائي پاڻ، وجهج پڪ پينار تي.

شاهه لطيف جي پهرين دُعا اها آهي ته انسان کي امن امان کپي، ڇو ته انسان جي نشونما ۽ هڪ بهترين انساني سماج لاءِ امن امان ضروري آهي. انسان عاجز آهي،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪمزور آهي، انهيءَ ڪري نہ سردي سهي سگهي ٿو نہ گرمي. انهيءَ ڪري الله تعالىٰ جي رحم جي نظر ڪپي جيڪا شاهہ سائين دعا ۾ بار بار ڪئي آهي.

دُعا لاءِ شرط آهي عاجزي، انڪساري سان پاڻ کي حقير بنائي دُعا گهرڻ گهرجي. توهان هن بيت جي آخر ۾ ڏٺو تہ عاجزي ۽ انڪساري جي ڪا حد ئي ناهي.

اهو فڪري بحث وحدت الشهود جو حصو بنجي ٿو جنهن ۾ بندو حقير ۽ ڪمزور آهي، خدا جي ذات ئي مڪمل ۽ اعلىٰ آهي. بندو پاڻ کي جيترو بہ گهٽ سمجهي اوترو صحيح آهي.

حوالو:

شیخ احمد سرہندی اسلام کے عمومی رجحان کے مطابق فرد اور خدا کے باہمی رشتے کو پست ترین سطح پر لاکر غلام اور آقا کے رشتے میں ضم کر دیا۔(1)

شاهہ لطيف وٽ تصوف جو ڪهڙو سلسلو نمايان آهي، جيڪڏهن ويهي 30 ئي سُر غور سان پڙهنداسين تہ ڪوبہ سلسلو لطيف تي پورو نہ لهندو، ڇو تہ پٽائي ظاهري طور مادي نظرين يا ائين چئجي تہ طئي ٿيل (Formulize) نظرين جو پوئلڳ نہ هو. تنهن ڪري جڏهن ڀٽائي دُعا گهُري ٿو تہ ان وقت بندي ۽ الله جي وچ ۾ واضح فرق ۽ رشتو طئي ٿي وڃي ٿو. دنيا جي هر مذهب ۾ دُعا جو تصور موجود آهي. اسلامي تاريخ ۾ حضرت آدم عليہ السلام جي دُعا مشهور آهي:

رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا ۫ وَ اِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَ تَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۲۳﴾

**ترجمو:-** ”سائينم! پاڻهين پاڻ سين، ڪيوسون ڪلور، ۽ تون نہ مڙهيندين جيڪڏهن ۽ مهر نہ ڪندين ڪا مور، تہ ضرور منجهہ ضرور هونداسون اڻ هوندن مان.“(2)

انسان جي لاچاري ۽ مجبوري انسان جو جوهر آهي ۽ شاهہ جي هن دُعا ڪي ڏسو:

جيڏو تنهنجو نانءُ، پاڄهہ بہ اوڏيائي مڱان،
ري تنبي ري ٽوٽين، تون ڇپر تون ڇانوَ،
آءٌ ڪچاڙو ڪهان، توکي معلوم سڀ ڪي.

(ڏهر، 2/8)

هي دُعا هڪ مڪمل ۽ خاموش دُعا آهي. هي انوکو انداز صرف شاهہ وٽ ئي آهي. هن دعا ۾ وحدت الوجودي انداز موجود آهي، جنهن ۾ بندو ڪجهہ بہ نٿو گهري ۽ سڀ ڪجهہ گهري ٿو. هن دعا ۾ الله جي تعريف حمد وثنا بہ آهي تہ پاڄهہ جي خيرات بہ گهري

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ويئي آهي، هن دعا ۾ هڪ ڳالهه ته واضح آهي ته خدا ۽ بندي وچ ۾ ڪو به پردو ناهي.

قرآن پاڪ ۾ آيل آهي ته: وَ قَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْۤ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ

ترجمو: ”۽ تنهنجي پرور پاڻ چيو ته مون کي سڏيو مون ته ضرور تون ضرور ڪريان پوريون ڪرم سان.“(3)

حقيقت ۾ دُعا بندي ۽ رب پاڪ جي وچ ۾ تعلق پيدا ڪرڻ جو ذريعو آهي ۽ دُعا نه گهرڻ جو مطلب تڪبر ۽ غرور ڪرڻ آهي. انهيءَ ڪري شاهه صاحب پنهنجي هر سُر ۾ بار بار دُعا گهري آهي.

چو ته عاجزي ۽ انڪساري صوفي جو بنيادي مول متو آهي. غرور، تڪبر، وڏائي انسان کي نه جُڳائي. هڪ مڪمل انسان هڪ مڪمل انڪساري جي علامت هوندو آهي. دُعا نه گهرڻ تڪبر جي علامت آهي. قرآن پاڪ ۾ آيل آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِيْ سَيَدْخُلُوْنَ جَهَنَّمَ دٰخِرِيْنَ ﴿۶۰﴾

(سوره المومن آيت 60 پاره 24)

ترجمو:

”مون کان مرادون گهرڻ ۾، جي غافل ڪن غرور ته ذلت ساڻ ضرور داخل دوزخ ٿين سي.“(4)

ساڳي وقت مايوسي کي به نـنديو ويو آهي. دعا جو مطلب ئي اميد (Optimism) آهي. شاهه لطيف واضح هن بيت ۾ چيو آهي ته:

جـــي لـــيـــلائـــي مَـــ لـــهـــيـــن، تـــا پـــڻ لـــيـــلائـــج،

آســـر مَ لاهـــيـــج، ســـڄـــڻ ٻـــاجـــهـــيـــنـــدڙ گـــهـــڻـــو.

اميد پرستي جو هي انداز Determinism وارو آهي. همت ۽ جدوجهد وارو آهي. الله کي به بندي جو هيءُ انداز وڻي ٿو.

قيامت جي ڏينهن ماڻهن کي ملائڪ سندن حساب ڪتاب کان پوءِ جهنم ڏانهن وٺي وڃي رهيا هوندا پر انهن مان ڪجهه ماڻهو بار بار پويان مڙي ڏسندا، الله تعاليٰ انهن کي گهرائي پُڇندو ته اهي جواب ڏيندا ته اسان اڃا به الله جي رحمت مان مايوس ناهيون متان الله رحم ڪري ۽ معاف ڪري. الله کي بندي جو هي انداز ڏاڍو پسند ايندو ۽ کين معاف ڪري ڇڏيندو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اردو شاعري ۾ اهو اقبال هجي، حالي، اسماعيل ميرٺي، امجد حيدر آبادي، نظير وارثي ۽ صفي اورنگ آبادي هجي سيني شاعرن وٽ ”دعا“ پنهنجي مڪمل ۽ جامع مفهوم ۾ سندن شاعريءَ جو اهم جزو بڻيل آهي.

مثال طور صفي اورنگ آبادي جو هڪ دعائيه شعر جو نمونو هت پيش ڪجي ٿو:

تو وہ ہے جو ہر ایک کی بگڑی سنوار دے
میری مراد بھی میرے پروردگار دے
کونین میں ذلیل نہ کر سب کے روبرو
ایمان و عیش و دولت و عزت و وقار دے
ترا یہ قدم مانگ ہر اک چیز مجھ سے مانگ
میری دعا کم دے میرے پروردگار دے۔(5)

علامہ اقبال صوفين جي عاجزي ۽ خودي کي ختم ڪرڻ بجاءِ خودي جو فلسفو ڏنو.

ڊاڪٽر علامہ اقبال جو چوڻ هو تہ:

”نفس جو انڪار ڪرڻ سان خودي جي نفي ٿئي ٿي تنهن ڪري نفس جي وجود جو اقرار ڪندي ڪيس سڌاري ۽ تڪميل جي طرف وٺي وڃي سگهجي ٿو.“

اقبال جو مطلب هو پنهنجي اخلاق ۾ الله تعاليٰ جي صفتن سان مشابهت پيدا ڪجي، طاقت، قدرت، علم، ارادي ۽ محبت ۾ پاڻ کي بلند ڪجي. جهالت، بيوسي، نااميدي، نفرت الله جون صفتون ناهن. جڏهن انسان قدرت جي صفتن ۾ اڳتي وڌندو تہ هو خوديءَ ۾ ڪامل ٿيندو. سندس اها تڪميل الله جي صفت کي ظاهر ڪندي ۽ الله کان گهرڻ بجاءِ الله ڪيس خود بخشيندو.

خودی کو کر بلند اتنا کے ہر تقدیر سے
پہلے،
خدا خود بند ےسےپوچھےبتا تیری رضا کیا
ہے .(6)

علامہ اقبال جو دعا جو فلسفو بلڪل مختلف آهي. هن جي نظريي موجب دعا گهرڻ ڪانپوءِ ماڻهو کي پنهنجي جاءِ تي ماٺ ڪري پٿر بڻجي ويهڻو نہ آهي بلڪہ ان دعا جي حاصلات لاءِ ڪيس پوري ڪوشش سان عمل ڪرڻ گهرجي چاڪاڻ تہ سندس نظريو اهو هو تہ دعا سان گڏ عمل بہ ضروري آهي. انهيءَ نظريي تحت اقبال ”بچے کی دعا“ لکي. جنهن ۾ غريبن جي حمايت، درد وندن سان محبت ۽ وطن جي زينت بنجڻ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو ولولو پيدا ڪرڻ جي دعا ڪري ٿو.

پاڪ سڳورن ﷺ جن فرمايو تہ:

”قضا کي دعا کان سواءِ ڪا بہ شيءِ نٿي ٽاري سگهي.“ انهي ڪري اسان ڏسون ٿا تہ ”دعا“ هر هنڌ هر جاءِ تي باقاعدي گهري وڃي ٿي.

بنيادي طرح شاهہ لطيف وٽ خودي جون بہ معنائون آهن هڪ تڪبر ۽ وڏائي يعني اهنڪار ٻيو وحدت. شاهہ وٽ دعا جو فلسفو تڪبر ۽ وڏائي کي ختم ڪرڻ کان شروع ڪري ٿو. جنهن جو پهريون بنياد عاجزي ۽ انڪساري ۽ بندي جو پاڻ کي ڪجهہ بہ نہ سمجهڻ آهي. ٻيو قدم وحدت جو آهي جنهن ۾ وجود جي مادي ۽ نفسي تصور جي دوئي ختم ٿي وڃي ٿي. بندي ۽ خدا ۾ ڪو ويڇو نٿو رهي تہ پوءِ دعا جي ضرورت ناهي.

”پريم اچي پاڻ پٽيءَ کي پچيج تون“

يا

”پنهون ٿيس پاڻ تہ سسئي تان سور ويا“

يا

”نائين نيڻ نهار تہ تو ۾ ديرو دوست جو“

انهيءَ جو مطلب تہ دعا جو بنياد مخصوص زمان ومڪان ۾ مادي وجود جو ڪثرتي انداز جي هڪ ضرورت آهي. قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو آهي تہ اهو ”ظاهر، باطن، اول ۽ آخر آهي.“

هو پاڻ کي ڪائنات جي آئيني ۾ ڏسي ٿو پر ڪائنات ڪيس نٿي ڏسي سگهي. ڇو تہ ڪثرت بذات خود وحدت جو عڪس ڏيکاري ٿي. پر ڪثرتي حصو مڪمل ڪامل نٿو ٿي سگهي تنهن ڪري انسان پنهنجي عمل جي ذريعي ڪامل ٿئي ٿو.

وحدت الشهود ۽ وحدت الوجود ۾ بنيادي فرق اهو آهي تہ فنا جي منزل وحدت الوجود وٽ آخري آهي پر وحدت الشهود وٽ فنا کان پوءِ ظليت پوءِ عبديت آهي.

تنهن ڪري دعا جو فلسفو ختم نٿو ٿئي، پر دعا بندي کي عقلي طور سندس فنا ۽ مجبوري، بي وسي ڏانهن وٺي وڃي ٿي، ۽ انسان رڳو ويچارو ٿي آهي. عبديت ۾ بندي کي وجدان ٿئي ٿو تہ وجود ڪامل جو ادراڪ بندي لاءِ ممڪن ناهي. يعني فنا ۾ وحدت جو وجدان خيالي آهي پر حقيقي ناهي ۽ خيال جي پراسرار دنيا حقيقتون بدلائي نٿي سگهي. تنهن ڪري وحدت الوجودي زمان و مڪان ۾ قائل وجود کان انڪاري ٿي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

روحانيت جي دنيا جو ادراڪ نٿو ٻڌائي سگهي. شاهه لطيف جي شاعري فڪري طور سلسلہ عمل ۾ (ڏاڪي ٻڏاڪي) اڳتي وڌي ٿي.

پر غور سان ڏٺو وڃي تہ شاهه ڪائنات جي سمورن رنگن کي فڪري طور هڪ هنڌ هڪ وقت ۾ بيهاري ڇڏي ٿو. ڪثرت بہ آهي، نفس بہ آهي، وحدت بہ آهي، فنا بہ آهي، ظليت بہ آهي تہ عبديت بہ آهي.

حضرت امام جعفر صادق کان ڪنهن پڇيو تہ ڇا خدا ڪائنات هڪ ئي وقت خلقي يا خلقي رهيو آهي؟

امام صاحب جواب ڏنو ”هڪ وقت بہ خلقيائين ۽ خلقي بہ رهيو آهي.“

مطلب تہ وقت آهي ئي ڪونہ. جنهن وقت خلقيائين اهو ئي وقت اتي ئي آهي. Still آهي، يعني الله زمان و مڪان کان بالاتر آهي، وقت تہ اضافي ۽ مادي دنيا جو تصور آهي.

”نہ زمان نہ مڪان، لا الہ الا الله“. (7) (اقبال) (544)

هاڻي شاهه وٽ سيئي روپ هڪ ئي وقت آهن. هڪ فرد بطور مادي تہ عاجز ويچارو، آهي پر هڪ فرد بطور روح وحدت ۾ زمان و مڪان کان بالاتر آهي.

جانب تون جيڏو، آهين شان شعور سين،
مون تي ڪر منهنجا پرين، توه تسي تيڏو،
اي ڪامل ڪم ڪيڏو، جيئن نوازينم نگاهين.
(برؤو 2/1)

۽ ٻيو لمحو هيئن آهي:

اسين سڪون جن کي، اسين پڻ سيئي،
لم يلد ولم يولد ونءَ اوڏانهن ٻيهي،
تهان منجهيئي پارڪ پرکج حق کي.
(آسا 4/2)

هن بيت جو نفسياتي پهلو Narcissism سان ملي ٿو، جنهن جو مطلب آهي Self centered, Self admiration, Self regard، خود ثنائي ۽ دعا خود ثنائي جي ابتڙ خود عاجزي جو حصو آهي، تنهن ڪري خدا جي تعريف خدا جي حسن جا جلوا خدا پسندي ڪائنات ٿاهي جيڪا خدا جي وحدت جو ڪثرتي پهلو آهي تہ ڪثرت جو هر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ذرو اڏورو آهي ۽ خودثنائي ۾ تڪبر ۽ وڏائي ڏانهن وڃي سگهجي ٿو. ۽ اها صفت خدائي آهي جڏهن وحدت ۽ مڪمل آهي تنهن ڪري بندو صرف عاجز آهي. هن جي اڻ پوري خواهش ۽ وجود کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش آهي.

دعا جو ٻيو پهلو سماجي آهي. سماجي رشتا ناتا، دشمني، دوستي، روزي روٽي، گهرٻار، عزت ذلت، سڀ ۾ ماڻهوءَ جون خواهشون ڪو نہ ڪو رويو ٺئي ڪنديون آهن. شاهہ لطيف جي هيءَ بہ هڪ خواهش آهي تہ دعا جي صورت ۾:

”الاڪر جيئن مديون جني جي من ۾.“

يا

”ريج جني جي روح ۾ جيري ۾ جائون،
انهن کي آئون کهڙا ڪبيرا آچيان.“

يا

جني سندي جيءُ ۾ پتو پتين ٻوڏ،
کهڙا ڪراين ڪوڏ هئڙا پسي تن کي.

ڪجهہ ماڻهن جا رويا ۽ طبيعت اهڙي هوندي آهي جو هو ناسور هوندا آهن، ٻين ماڻهن لاءِ، انهن لاءِ ڪا دعا ڪو علاج ناهي. ڪا بہ سماجي نفسيات انهن جو حل نٿي ڪڍي.

ڇا ڪجي انهن کي؟

شاهہ اها ئي دعا ڪري ٿو:

”الا اچن اوءِ جن آءِ من سرهو ٿئي.“

سماجي رويا مثبت رکڻ ۽ پاڻ کي روين ۾ سنڀالڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي تنهن ڪري دُعا آخري التجا آهي. جڏهن مريض ٺيڪ نہ ٿئي تہ آخر ۾ دُعا ئي ڪري سگهجي ٿي بس! ايئن سماجي روين ۾ ماڻهن لاءِ دعا جو فلسفو موجود آهي.

ڪاڻيءَ مرڪائيو مُنڍيءَ مڱر مَر ڏيو،
هيڪر اجهايو ڏيئي ٻر لوهار جي.

شاهہ لطيف سماجي طور آفاقي روين جو قائل هو.

هن وٽ انسان جو عالمي تصور، خوشحالي، امن، پيار ۽ محبت جو پيغام سان گڏ دعا بہ آفاقي ۽ عوامي آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اجين جي،
پاٽي پوچ پٽن تي، ارزان ان ڪريج،
وطن وسائج، ته سنگهارن سک ٿئي.

يا

سائيم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٿا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

بنيادي طور شاهه وٽ دُعا جو تصور سنڌي سماج جي نفسيات جي به عڪاسي ڪري ٿو.

اسان وٽ سنڌ جا ماڻهو ڏاڍا توڪلي هوندا آهن. هن مادي دنيا جي جديد دؤر ۾ به اجا سنڌي ماڻهن جي نفسيات ۾ الله لوڪ ۽ نظرانداز ڪرڻ، درگذر ڪرڻ جهڙا گڻ موجود آهن. سنڌي سماج جي اصلي، نج نفسيات سنڌي ماءُ وٽ موجود آهي. جيڪا اڄ به اولاد، پنهنجي گهر ۽ پنهنجي خاندان کان وٺي سڄي عالم لاءِ دعاگو هوندي آهي. سنڌي ماءُ امن پسندي پيار ۽ ميٺاج جو جوهر آهي. هوءَ انسان جي نسل ۽ بقا لاءِ دعاگو هوندي آهي. شاهه صاحب پنهنجي سڄي شاعري هڪ عورت جي نفسيات ۾ ڪئي آهي.

سنڌ جو بنيادي فلسفو سنڌي عورت جيڪا غربت ۾ گذاري ٿي ٻهراڙين ۾ سهوليتن کان وانجهيل علائقي ۾ گذاري ٿي جتي هن جو الله ۾ آسرو آهي. اتي هوءَ رات ڏينهن دعائون گهري ٿي:

مدينـي جا ميـر، سڻ سنـدا مون سڏڙا،
جي سَرَڻِ تنهنجي سير، سي پار لنگهاءِ پهيڙا.

**نتيجو:**

1. دعا جو تعلق انسان جي اڻ پوري وجود ۽ ڪمزور هئڻ سان آهي.
2. دعا پاڻ کان مٿاهين طاقت آڏو سِر جهڪائڻ جو اعلان آهي.
3. دعا مذهب جي ان حصي سان تعلق رکي ٿي جنهن ۾ اميد ۽ ڀروسو آهي، بي روح ۽ بي دل ٿٽل وجود وٽ آخري سهارو دعا آهي.
4. وحدت الوجود ۾ دعا جو فلسفو موجود آهي جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته وجود جو جوهر ڪثرتي معنيٰ ۾ اڻ پورو آهي جيڪو انا ۽ غرور ۾ آڪڙ ۾ وڃي سگهي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٿو. جيستائين وجود عاجزي انڪساري ۾ اچي پاڻ وساري ۽ وحدت ۾ ضم ٿئي تيستائين بندي لاءِ دعا جو رستو ڪيس غرور ۽ انا ڪان بچائي ٿو. يعني وحدت الوجود ۾ دعا اهو عمل آهي جنهن سان انسان ۾ صبر، شڪر، انسان دوستي ۽ انڪساري پيدا ٿئي ٿي.

5. وحدت الشهود ۾ دعا اهو عمل آهي جو بنياد بندي ۽ خدا جي وچ ۾ رشتي قائم ڪرڻ جو بنياد آهي ۽ انسان ڪي پست ترين سطح تي آڻڻ آهي.
6. علامه اقبال وٽ بندي ۽ خدا جو رشتو عمل ذريعي پست ترين سطح ڪان اڀاري اعليٰ بنائي سگهجي ٿو، جتي دعا گهرڻ ڪان اڳ خدا بندي ڪي نوازي ڇڏي ٿو.
7. شاهه لطيف دعا جو بنياد سنڌي ماحول ۽ ماڻهن جي نفسيات مطابق سماجي طور به رکيو آهي. دعا جا فڪري، نفسياتي، سماجي ۽ مذهبي پهلو شاهه وٽ موجود آهن.

## حوالا


1. قاضي جاويد، برصغير ۾ مسلم فڪر جو ارتقا، نگارشاتِ لاهور، ص: 150.
2. سورت الاعراف آيت 23، ترجمو: مولوي حاجي احمد ملاح، قرآن پاڪ، ڪردار الڪتاب السنڌ.
3. سورت المومن 40، آيت 60، القرآن الڪريم، ترجمو: مولوي حاجي احمد ملاح، ص: 185ع.
4. سورت المومن آيت 60 پاره 24.
5. صفي اورنگ آبادي پراگنده حيدرآباد، 1965ع، ص: 18.
6. قاضی قیصر السلام، فلسفہ کے بنیادی مسائل، نیشنل بک فائونڈیشن، کراچی، اشاعت اول، 1986ع، ص:544۔
7. ساڳيو.


نوٽ: شاهه لطيف جا سيئي بيت ڀانهي خان جي رسالي تان ورتل آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair